**23 جولاءِ 2026ع (متوقع اسلامي تاريخ: 08 صفر شريف 1448ھ)**

**تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان**

# شيطان جا چارَ

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿ ... **2 سؤ سالن جي عبادت گذاري**
- ✿ ... **شيطان خبيث جي بيشرمي**
- ✿ ... **گناھ ياد رکڻ عبادت آھي**
- ✿ ... **شيطان کان بچڻ جا روحاني علاج**

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَّة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

**الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني، محمدِ عربي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو فرمان آهي:** اي انسانو! قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتُن (يعني گھبراهٽُن) ۽ حساب ڪتاب کان جلد نجات حاصل ڪرڻ وارو اهو شخص هوندو جنهن دنيا ۾ مون تي ڪثرت سان درود پڙهيا هوندا.[1]

دولت جو چاہو دونوں جہاں کی | کر لو وظیفہ نامِ مُحَمَّد
روزِ قیامت میزان و پُل پر | دے گا سہارا نامِ مُحَمَّد
پوچھے گا مولیٰ لایا ہے کیا کیا | میں یہ کہوں گا نامِ مُحَمَّد (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1…مسند فردوس، جلد:5،صفحہ:277،حديث :8175۔

2…قبالۂ بخشش، صفحہ:133تا 135 ملتقطًا۔

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. [1]

اي عاشقانِ رسول! سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ◈ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ◈ باادب ويهندس ◈ خوب توجه سان بيان ٻڌندس ◈ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 2 سؤ سالن جي عبادت گذاري

ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ بَرصِيصا نالي هڪ عبادت گذار شخص هو. الله پاڪ کيس ڏگهي عمر عطا فرمائي هئي ۽ هو ماڻهن کان الڳ ٿي فقط الله پاڪ جي عبادت ۾ مشغول رهندو هو. هن ٻہ سؤ (200) سال اهڙي طرح گذاريا، جو هڪ پل لاءِ بہ ڪو گناهہ نہ ڪيائين.

توهان تورو استقامت جو اندازو لڳايو! ٻہ سؤ سال...!! اسان وٽ عام طرح ايوريج (*Average*) عُمر **60** کان **70** سال هوندي آهي ۽ هِن مختصر زندگيءَ ۾ اسان کان ٻہ، چار، ڏهہ، ٻارهن نہ، پر روزانو جي بنياد تي شايد سوين گناهہ ٿي ويندا هوندا. پر ان شخص جي استقامت ڏسو! هُن **ٻہ سؤ** سال يعني پوريون ٻہ صديون بغير ڪو گناهہ ڪرڻ جي، فقط عبادت ئي عبادت ڪندي گذاري ڇڏيون.

---

1⋯ بخاري، كِتَاب بَدءُ الْوَحي، صفحہ:65، حديث:1۔

پر افسوس! الله پاڪ جي ڳجهي تدبير غالب آئي ۽ برصيصا پنهنجي سڀجي محنت ضايع ڪري جهنم جو حقدار بڻجي دنيا مان رخصت ٿي ويو.

## بَرصِيصا تي شيطاني چارُ

واقعو هن ريت آهي تہ هڪ ڀيري شيطان انساني شڪل اختيار ڪري برصيصا وٽ پهتو ۽ سندس عبادت خاني جي ٻاهران بيهي ڪيس سڏ ڪيائين. برصيصا وراڻيو: جيڪو الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ چاهيندو هجي، ان کي ڪنهن دوست جي ضرورت نہ آهي. اِهو جواب ٻڌي شيطان سندس عبادت خاني جي ٻاهران ڏرٽو هڻي ويهي رهيو.

هاڻي هِن بدبخت جو گمراهہ ڪرڻ جو انداز ڏسو! شيطان خبيث ٽي ڏينهن لڳاتار اُن جي عبادت خاني جي ٻاهران عبادت ڪندو رهيو. ان دوران نہ ننڊ ڪيائين ۽ نہ ئي ڪجهہ کاڌائين، پيتائين. جيئن تہ هِي انساني شڪل ۾ هو ۽ برصيصا ان کي انسان ئي سمجهي رهيو هو، تنهنڪري هي سندس عبادت ڏسي تمام گهڻو متاثر ٿيو. برصيصا کانئس پڇيو: مون کي عبادت ڪندي ٻہ سؤ سال گذري ويا آهن، پر اڃان تائين مون کي اِهو رُتبو حاصل نہ ٿيو آهي. مون کي ننڊ جي بہ ضرورت پوندي آهي ۽ مان کاڌي پيتي جو بہ محتاج آهيان. (ڪاش! مان بہ تو جيان عبادت ڪري سگهان ها...!! توکي هي مرتبو ڪيئن حاصل ٿيو آهي؟)

شيطان وراڻيو: اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ مون کان هڪ گناهہ ٿي ويو هو. جڏهن مون کي اهو گناهہ ياد ايندو آهي تہ منهنجي هيءَ حالت ٿي ويندي آهي، پوءِ نہ مون کي بک لڳندي آهي، نہ اڃ لڳندي آهي ۽ نہ ئي ننڊ ايندي آهي. جيئن تہ تو ڪڏهن ڪو گناهہ ڪيو ئي ناهي، تنهنڪري تنهنجي اهڙي ڪيفيت

نہ ٿي ٿئي، جيڪڏهن تون بہ مون جهڙو بڻجڻ چاهين ٿو تہ هڪ گناهہ ڪري وٺ! پوءِ تنهنجي مٿان خوفِ خدا جو غلبو ٿيندو ۽ تون بہ مون وانگر بغير ڪائڻ پيئڻ جي مسلسل عبادت ڪري سگهندين.

## گناهہ جو انجام بہ گناهہ هوندو آهي

توهان ٿورو شيطان خبيث جي هن چال تي غور ڪريو! ڪيترو نہ بدبخت ۽ چالاڪ آهي. هُن پهريان دوست بڻجي برصيصا کي ورغلائڻ چاهيو، جڏهن سندس اِهو حيلو نہ هليو تہ هُن عبادت گذاريءَ جو ڍونگ رچايو ۽ چار ڏِسو ڪيئن وِچائي رهيو آهي تہ: برصيصا! جيڪڏهن وڏو ۽ ماهر عبادت گذار بڻجڻ چاهين ٿو تہ گناهہ ڪري وٺ...!!

هتي شيطان جي هن باطل نظريي(*Erroneous theory*) کي سمجهو! هِن اِهو چوڻ پئي چاهيو تہ: **برصيصا! گناهہ جو نتيجو خوفِ خدا، خشيت ۽ نيڪي ڪرڻ جي توفيق جي صورت ۾ نڪرندو.** اِها سوچ ئي غلط آهي، اِها ڳالهہ چڱي طرح پنهنجي ذهنن ۾ ويهاري ڇڏيو! اسان وٽ بہ شيطان ماڻهن جي دلين ۾ اهڙي قسم جا وسوسا وجهندو آهي تہ: هاڻي گناهہ ڪري وٺ، بعد ۾ نيڪيون ڪرڻ شروع ڪجانءِ. ڪيترائي ماڻهو اهڙا آهن جيڪي چوندا آهن تہ اسان سياڻي کان نماز پڙهڻ شروع ڪنداسين، يعني اڄ نماز قضا ڪري وٺان، گناهہ ڪمائي وٺان، ان جي نتيجي ۾ سياڻي مون کي نماز پڙهڻ جي توفيق ملي ويندي! جڏهن تہ ائين نہ ٿيندو آهي. هيءَ ڳالهہ سمجهي ڇڏيو تہ **نيڪيءَ جو نتيجو بہ نيڪي هوندو آهي ۽ گناهہ جو انجام نيڪي نہ، پر هلاڪت هوندو آهي.** الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

فَاَهۡلَكۡنٰهُمۡ بِذُنُوۡبِهِمۡ

(پارو: 7، سورة انعام: 6)

ترجموكنزالعرفان: پوءِ (اسان) انهن جي گناهن جي سبب انهن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو.

يعني اڳيون جيڪي بہ قومون هلاڪ ٿيون، انهن کي هلاڪت تائين پهچائڻ واري شيءِ سندن گناهہ ئي هئا. معلوم ٿيو تہ ائين نہ ٿيندو آهي تہ ڪو ماڻهو گناهہ ڪري ۽ نتيجي ۾ ان کي عبادت جي توفيق ملي وڃي، پر گناهہ جو انجام هلاڪت ئي هوندو آهي. ڪنهن تمام خوبصورت ڳالهہ ڪئي آهي تہ: گناهہ جو مثال ائين آهي، جيئن ماڻهو جبل تان هيٺ لهي رهيو هجي، يعني جبل تان هيٺ لهڻ وقت هڪ قدم کڻبو آهي تہ ٻيو قدم پاڻمرادو کڄي ويندو آهي. بلڪل اهڙي طرح جڏهن ماڻهو هڪ گناهہ ڪري وٺندو آهي تہ نفسِ اماره ۽ شيطان کيس ٻئي گناهہ ڏانهن ڌڪي ڇڏيندا آهن. اِها ئي اُها شيطان جي چالَ هئي، جيڪا هن خبيث، برصيصا سان هَلِي ۽ کيس چيائين تہ **برصيصا! جيڪڏهن سڌوءِ ماهر عبادت گذار بڻجڻ چاهين ٿو تہ گناهہ ڪري وٺ...!!**

## بَرصِيصا چارَ ۾ ڦاسي پيو

برصيصا چيو: مان جنهن ربَّ ڪريم جي ايترو عرصو عبادت ڪئي آهي، هاڻي مان ان جي نافرماني ڪيئن ٿو ڪري سگهان؟ شيطان چيو: ماڻهو جڏهن گناهہ ڪندو آهي تہ پوءِ معذرت ڏانهن وڌندو آهي (يعني الله پاڪ کان ٻڄي سندس بخشش جو سوالي بڻجندو آهي، تنهنڪري اِها ڪيفيت حاصل ڪرڻ جي لاءِ توکي گناهہ ڪرڻو ئي پوندو.)

شيطان جون اهڙيون ڳالهيون ٻڌي برصيصا هِرکي پيو ۽ چيائين: چڱو ڀلا پوءِ ٻڌاءِ تہ ڪهڙو گناهہ ڪريان؟ ◈ شيطان چيو: زنا ڪري وٺ! برصيصا

انڪار ڪري ڇڏيو ◈ شيطان وري چيو: ڪنهن کي قتل ڪري ڇڏ! برصيصا ان تي بہ راضي نہ ٿيو ◈ پوءِ شيطان چيو: ڀلا شراب پي وٺ! هن ڀيري برصيصا راضي ٿي ويو. هُن شراب خريد ڪيو ۽ پي ڇڏيائين. هاڻي جڏهن ڪيس نشو چڙهيو تہ انهيءَ نشي جي حالت ۾ زنا بہ ڪري وينو ۽ ناحق قتل جو گناهہ بہ ڪري وينو. جڏهن هن اهڙا سنگين ڏوهہ ڪيا تہ ڪيس گرفتار ڪيو ويو ۽ ڦاسيءَ جي سزا ٻڌائي وئي. جڏهن هُن کي ڦاسيءَ جي تختي تي چاڙهيو ويو، تڏهن شيطان وٽس آيو ۽ ڪيس چيائين: مان توکي بچائي سگهان ٿو، بس منهنجي هڪ ڳالهہ مڃ! الله پاڪ جو انڪار ڪري مون کي سجدو ڪر. **هاءِ! افسوس! 200 سال گناهن کان بچي عبادت ڪرڻ وارو برصيصا شيطان جي چارَ ۾ ڦاسي پيو ۽ شيطان کي سجدو ڪري ڇڏيائين. جيئن ئي هُن اِهو ڪفر ڪيو تہ ان ئي وقت ڪيس موت اچي ويو ۽ هِي بدبخت ايمان کان ڦِري، مرتد ٿي دنيا مان هليو ويو ...!!** (1)

اي عاشقانِ رسول! ڊڄڻ جو مقام آهي، خوف ڪرڻ جي ڳالهہ آهي. جڏهن **200** سال عبادت ۾ گذارڻ واري، هڪ بہ گناهہ نہ ڪرڻ واري شخص جو اهڙو عبرتناڪ انجام ٿيو تہ پوءِ اسان، جيڪي گنهگار آهيون، ڏينهَن ۽ رات الائي ڪهڙا ڪهڙا گناهہ ڪندا رهندا آهيون، پنهنجي انجام کان ڪيئن بي فڪر رهي سگهون ٿا...!!

مجھے ایسے عمل کی دے توفیق | کہ ہو راضی تری رضا یاربّ!
جس نے اپنے لیے برائی کی | ہے یہ نادان وہ برا یاربّ!

---

1...سلوة العارفين، باب الخوف سوء الخاتمہ، جلد:2، صفحہ:166ـ168ـ

تو حسنؔ کو اٹھا حسن کر کے | ہو مع الخیر خاتمہ یارب![1]

## خدا يا بُري خاتمي کان بچائجان

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان برصيصا جو عبرتناڪ واقعو ٻڌو. هن واقعي ۾ ◈ شراب جي برائيءَ جو سبق بہ موجود آهي تہ برصيصا شراب پيئڻ کي معمولي گناھ سمجهيو، پر ان جي نحوست سبب قتل ۽ زنا ۾ بہ مبتلا ٿي ويو. معلوم ٿيو تہ شراب پيئڻ ڪو معمولي گناھ نہ آهي، پر حديث پاڪ مطابق شراب اُمُّ الْخَبَائِث (يعني گناهن جي پاڙ) آهي.[2] ◈ ان سان گڏوگڏ هن واقعي ۾ اسان جي لاءِ الله پاڪ جي ڳجهي تدبير جو بہ سبق آهي. هاءِ افسوس! ڪيڏي نہ عبرت جي ڳالھ آهي تہ 200 سال بغير ڪنهن گناھ جي صرف ۽ صرف عبادت ۾ مشغول رهڻ وارو شخص، آخر ڪفر ۾ مبتلا ٿي ويو ۽ غير مسلم ٿي دنيا مان هليو ويو. سوچيو! جڏهن ايڏي وڏي عبادت گذار جو انجام اهڙو ٿيو، تہ پوءِ اسان پنهنجي خاتمي کان ڪيئن بي فڪر رهي ٿا سگهون؟ تنهنڪري اسان کي هر وقت ان جي باري ۾ فڪرمند رهڻ گهرجي تہ الله پاڪ اسان جو سنو خاتمو فرمائي. ڪاش! دنيا مان وڃڻ وقت ڪلمہءِ طيب پڙهڻ نصيب ٿي وڃي.

خدایا بُرے خاتمے سے بچانا | پڑھوں کلمہ جب نکلے دَم یااِلٰہی![3]

---

1…ذوقِ نعت، صفحہ:85۔87 ملتقطاً۔

2 معجم اوسط، جلد:2، صفحہ:406، حديث:3667۔

3 وسائلِ بخشش، صفحہ:110۔

## شيطان خَبِيث جي پَڪائي

پيارا اسلامي ڀائرو! برصيصا جي واقعي تي وڌيڪ غور ڪريو! شيطان بدبخت ڪيڏو نه خبيث آهي. هي پهريان دوست بڻجي آيو، برصيصا کيس ڌڪاري ڇڏيو ۽ ذلت برداشت ڪرڻ جي باوجود به هو پنهنجي مقصد کان پوئتي نه هٽيو، بلڪ پهريان کان به وڌيڪ مضبوطيءَ سان مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو، برصيصا جي عبادت خاني جي سامهون ٿي ڏينهن ۽ ٽي راتيون بغير ننڊ ڪرڻ جي، بنا ڪنهن ٽُڪَ جي ۽ بغير ڪجهه کائڻ پيئڻ جي لڳاتار عبادت ڪندو رهيو.

توهان هن بدبخت جي بي شرميءَ تي ٿورو غور ڪريو! هي اهڙو خبيث دشمن آهي، جو ان کي جيترو به ذليل ڪيو وڃي، پوءِ به انسان جو پيڇو نه ڇڏيندو آهي، پويان لڳو وتندو آهي، وِسوسا وجهندو رهندو آهي، ڪوششون ڪندو رهندو آهي. سندس هڪ وسوسو رد ڪيو وڃي ته ٻيو وجهندو آهي، ٻيو رد ڪيو وڃي ته ٽيون وجهندو آهي. هن کي ذليل ڪريو! اَعُوْذُبِاللّٰهِ پڙهي ساڙيو! يا لَاحَوْلَ شريف پڙهي کيس ڀڄايو! پر هي ايترو ته نَڪ جو پَڪو آهي، جو پوئتي هٽڻ جو نالو ئي نه وٺندو آهي. ايتري قدر جو ڪتابن ۾ لکيل آهي ته جڏهن انسان کي قبر ۾ لاٿو ويندو آهي، ته ان وقت به شيطان مُردي سان گڏ قبر ۾ لهي ويندو آهي ۽ اتي به منڪر نڪير جي سوالن جا جواب ڏيڻ وقت انسان کي ڀُلائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.[1]

## اسان جا اجايا بهانا

پيارا اسلامي ڀائرو! هڪ طرف ته اسان جي هن نهايت ئي خبيث دشمن

[1] نوادر الاصول، الاصل السابع والسبعون والمائتان فی الحكمة فی فتانی القبر، جلد:2، صفحہ:387 ماخوذاً۔

جي ايڏي وڏي بي حيائي آهي ۽ ٻئي پاسي اسان پنهنجو حال ڏسون ◈ سماج ۾ ڪيترائي اهڙا ماڻهو ملندا، جيڪي چوندا آهن تہ مان هڪ ڀيرو مسجد ۾ ويو هئس، منهنجو بوٽ گم ٿي ويو، بس پوءِ وري ڪڏهن مسجد ئي نہ ويس. لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ إِلَّا بِاللّٰهِ! فقط هڪ ڀيرو اتفاقي طور نقصان ٿي ويو تہ مسجد وڃڻ ئي ڇڏي ڏنائون. توهان اهڙن ماڻهن کان پڇو: ڀائو! بازار ۾ اوهان کي ڪيترا ڀيرا نقصان ٿيو آهي؟ شايد سوين ڀيرا ٿيو هوندو ◈ ڪا شيءِ خريد ڪئي تہ نقصان ٿي ويو ◈ ڪڏهن پُل ۾ وڌيڪ رقم ڏئي ويناء پوءِ واپس نہ ملي ◈ ڪڏهن دڪاندار تور يا ماپ ۾ گهٽتائي ڪري ڇڏي ◈ ڪڏهن نقلي نوٽ لڳي ويو، اهڙا ڪيترائي نقصان ٿي ويندا آهن تہ پوءِ ڇا بازار وڃڻ بہ ڇڏي ڏيندا آهيو؟ نہ ڇڏيندا آهيو نہ، تہ پوءِ مسجد وڃڻ جو ڇڏي ڏنو؟ ◈ اهڙا بہ هزارين ماڻهو هوندا، جيڪي ڏاڙهي رکرائيندا آهن، پر ڪو هڪ اڌ ماڻهو ڪين پنهنجي اڻجاڻائيءَ سبب طعنو ڏيندو آهي تہ بس انهيءَ تي مايوس ٿي ڏاڙهي ڪوڙائي، ٻيهر گناھ جي راھ تي گامزن ٿي ويندا آهن ◈ ڪي وري ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين جي سبب متنفر ٿي ويندا آهن، مثال طور: ◈ ڪنهن ڏاڙهي واري کي ڪُوڙُ ڳالهائيندي ڏسي ورتائون تہ چوندا آهن: بس، يار مولوين کان الله بچائي! اهڙن کان پڇڻ گهرجي تہ: ڀاءُ! جيڪڏهن هڪ ڏاڙهي واري ڪوڙ ڳالهايو، تہ ڇا سڀئي اهڙا ٿي ويا؟ نہ ٿيا تہ پوءِ توهان ان هڪ جي غلطيءَ جي ڪري دين کان پوئتي ڇو هٽي رهيا آهيو؟ ◈ ڪي ماڻهو ديني اجتماع ۾ اچي تہ ويندا آهن، پر سندن طبيعت ايتري تہ نازڪ هوندي آهي، جو ڪين ڪنهن جو ڌِڪو لڳي ويو، وضو خاني ۾ پاڻي ختم ٿي ويو، يا واش روم وڃڻ لاءِ ڊگهي قطار ۾ بيهڻو پئجي ويو، تہ اهڙين ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين کان بيزار ٿي ٻيهر نيڪين ڏانهن اچڻ ئي ڇڏي ڏيندا آهن.

پيارا اسلامي ڀائرو! ٿورو غور ڪريو! شيطان ڪيترو خبيث آهي. هن بدبخت کي خبر هئي ته انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام تي سندس ڪو به زور نه ٿو هلي سگهي، پر تنهن هوندي به جڏهن حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام حضرت اسماعيل عَلَيۡهِ السَّلَام کي قربان ڪرڻ جي لاءِ مِنيٰ ڏانهن روانا ٿيا ته هي بدبخت وسوسا وجهڻ لاءِ آيو. پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام ان کي پٿريون هنيون، هِي زمين جي اندر غرق ٿي ويو، ٻيهر آيو، ٻيهر پٿريون کاڌائين. ٽِيهر آيو، وري به پٿريون کاڌائين ۽ زمين جي تَهه تائين غرق ٿي ويو.[1]

توهان ڏسو ته صحيح! ڪيڏي نه ذلت برداشت ڪري رهيو آهي، پر پوءِ به باز نه اچي رهيو آهي ۽ ٻئي پاسي اسان آهيون، جيڪي ٿورڙي ڳالهه تي نيڪيءَ کان پوئتي هٽي ويندا آهيون. پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي لاءِ دشمن کان چار قدم اڳتي رهڻو پوندو آهي. شيطان خبيث جيترو هنيلو ۽ ضِدي آهي، اسان کي نيڪين تي ان کان چار ڀيرا وڌيڪ ثابت قدم رهڻ گهرجي، تڏهن ئي اسان هن خبيث کان بچي سگهنداسين.

| | |
|---|---|
| نفس و شیطان ہوگئے غالِب | ان کے چُنگل سے تُو چُھڑا یاربّ! |
| کر کے توبہ میں پھر گناہوں میں | ہو ہی جاتا ہوں مُبتَلا یاربّ! |

## شيطان اسان جو دشمن آهي

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

[1] مستدرک، کتاب الحج، باب رمی الجمار، جلد:2، صفحہ:122، حدیث:1756۔

| | |
|---|---|
| اِنَّ الشَّیۡطٰنَ لَکُمۡ عَدُوٌّ فَاتَّخِذُوۡہُ عَدُوًّا ؕ (پارو: 22، سورة فاطر: 6) | ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ شيطان توهان جو دشمن آهي سو توهان بہ ان کي دشمن سمجهو. |

يعني اي انسانو! الله پاڪ جي فرمانبرداري ڪندي شيطان سان دشمني ڪيو. ۽ الله پاڪ جي نافرماني ڪندي شيطان جي پيروي نہ ڪيو! هر حال ۾ ان کي هميشہ دشمن ئي سمجهندا رهو. (1)

هڪ ٻي هنڌ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اَفَتَتَّخِذُوۡنَہٗ وَ ذُرِّیَّتَہٗۤ اَوۡلِیَآءَ مِنۡ دُوۡنِیۡ وَ ہُمۡ لَکُمۡ عَدُوٌّ ؕ بِئۡسَ لِلظّٰلِمِیۡنَ بَدَلًا ۔(پارو: 15، سورة ڪهف: 50) | ترجموڪنزالعرفان: سو (اي انسانو!) ڇا توهان ان کي ۽ ان جي اولاد کي مون کان سواءِ دوست بڻايو ٿا جڏهن تہ اهي توهان جا دشمن آهن، ظالمن جي لاءِ ڪهڙو نہ برو بدلو آهي. |

يعني اي انسانو! ڇا توهان شيطان ۽ سندس اولاد کي مون کان سواءِ پنهنجو دوست بڻايو ٿا؟ يعني منهنجي بندگي ڇڏي ان جي پيروي ڪريو ٿا....!! جڏهن تہ حقيقت هيءَ آهي تہ شيطان بہ ۽ سندس اولاد بہ توهان جا دشمن آهن. تہ پوءِ شيطان، سندس اولاد ۽ جيڪو بہ انهن جي پيروي ڪري، سڀ ظالم آهن ۽ ظالمن لاءِ تمام بُرو بدلو آهي. (2)

اللّٰہُ اکبر! اي عاشقانِ رسول! ڪيڏي نہ واضح ڳالهہ آهي، غور تہ ڪريو!

---

1...مڪاشفة القلوب، باب فی عداوة الشيطان، صفحہ:69۔

2... صراط الجنان، پاره:15، سورهٔ ڪہف، زير آيت:50، جلد:5، صفحہ:581بتغير ۔

اسان کي ڪيئن نہ جھنجھوڙيو پيو وڃي تہ: اي انسانو! ◈ الله پاڪ جي محبت ◈ الله پاڪ جي اطاعت ◈ الله پاڪ جي فرمانبرداري ◈ الله پاڪ جي عبادت ◈ ۽ نيڪ عمل ڇڏي شيطان جي پيروي نہ ڪريو .....!! ڇو تہ شيطان پاڻ تہ لعنت ۽ غضب ۾ ٻڏل آهي ئي آهي، اوهان کي بہ پاڻ سان گڏ ٻوڙي ڇڏيندو.

سلسلہ آہ! گناہوں کا بڑھا جاتا ہے | نِت نیا جرم ہر اِک آن ہوا جاتا ہے
نفس و شیطان کی ہر آن اطاعت پر دل | آہ! مائل مِرے اللہ ہوا جاتا ہے
المدد یاشَہِ اَبرار مدینے والے | قلب سے خوفِ خُدا دُور ہوا جاتا ہے (1)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## شيطان وڏو خبيث دشمن آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! شيطان نهايت ئي خبيث دشمن آهي. انسان سان دشمني ڪرڻ ۽ ڪنهن بہ حالت ۾ انسان سان دوستي نہ ڪرڻ سندس فطرت ۾ شامل آهي. هن خبيث جو صرف هڪ ئي مقصد آهي تہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح، انسان کي جهنم جو حقدار بڻايو وڃي. قرآن ڪريم ۾ آهي تہ جڏهن شيطان الله پاڪ جي بارگاهہ مان تڙيو ويو، تہ ان ئي وقت هن انسان سان دشمنيءَ جو اعلان ڪري ڇڏيو ۽ چيائين:

---

1⋯ وسائلِ بخشش، صفحہ:432 ملتقطاً۔

| | |
|---|---|
| لَاَقْعُدَنَّ لَهُمْ صِرَاطَكَ الْمُسْتَقِيْمَ (۱۶) ثُمَّ لَاٰتِيَنَّهُمْ مِّنْۢ بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ وَ مِنْ خَلْفِهِمْ وَ عَنْ اَيْمَانِهِمْ وَ عَنْ شَمَآىٕلِهِمْؕ-وَ لَا تَجِدُ اَكْثَرَهُمْ شٰكِرِيْنَ (۱۷) (پارو: 8، سورة اعراف: 16-17) | ترجموڪنزالعرفان: مان ضرور تنهنجي سڌي رستي تي ماڻهن جي تاڙ ۾ ويهندس. پوءِ ضرور مان انهن جي اڳيان ۽ انهن جي پٺيان ۽ انهن جي ساڄي ۽ انهن جي کاٻي کان انهن وٽ ايندس ۽ تون انهن مان گهڻن کي شڪر گذار نه لهندين. |

اللّٰهُ اڪبر! هي بدبخت باقاعدي اعلان ڪري رهيو آهي تہ مان صراطِ مستقيم (يعني سڌي وات تي، نماز جي راهہ تي، روزن جي راهہ تي، تلاوت جي رستي تي، نيڪين جي رستي تي) تي ويهي رهندس ۽ تنهنجن ٻانهن تي اڳيان کان، پٺيان کان، ساڄي کان، کاٻي کان، هر طرف کان حملو ڪندس ۽ ڪين گمراهہ ڪندو رهندس.

محبوبِ خدا سر پہ اَجل آ کے کھڑی ہے | شیطان سے عطّار کا ایمان بچا لو! [1]

معلوم ٿيو تہ شيطان اسان جو نهايت سخت دشمن آهي ۽ هن انسانن کي گمراهہ ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪري ڇڏيو آهي.

## شيطان جا چارَ

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي شيطان جي گمراهہ ڪندڙ چالن کان بچڻ گهرجي، هي اسان جو سڀ کان وڏو دشمن آهي، هُن کي دشمن ئي سمجهڻ گهرجي. ظاهر آهي تہ جڏهن اسان ان جي مڪارين ۽ فريبن کي نہ سمجهي

[1] وسائلِ بخشش، صفحہ:308۔

سگهنداسين تہ ان جي چالن کان ڪيئن بچي سگهنداسين؟ اچو تہ شيطان خبيث جا ڪجھ چارَ ٻُڌون ۽ انهن کان بچڻ جو عزم ڪريون:

## (1) شيطان جو دروازو: اِستغفار کان غفلت

حضرت عبدالرحمٰن بن زياد رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہِ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام تشريف فرما هئا تہ سامهون هڪ شخص ايندو نظر آيو، جنهن کي مٿي تي رنگ برنگي ٽوپي پاتل هئي. جڏهن هُو ويجهو آيو تہ اُن ٽوپي لاهي ڇڏي. حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام کانئس پڇيو: تون ڪير آهين؟ هن وراڻيو: مان ابليس آهيان. پاڻ فرمايائون: هيءَ ٽوپي جيڪا توکي پاتل هئي، اِها ڇا آهي؟ اُن چيو: هي منهنجا اُهي چارَ آهن، جيڪي مان اولادِ آدم تي وجهندو آهيان. حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام پڇيو: ٻڌاءِ! اُها ڪهڙي برائي آهي، جو جڏهن ماڻهو اُها ڪندو آهي تہ تون مٿس غالب ٿي ويندو آهين؟ شيطان وراڻيو: **جڏهن ماڻهو خودپسنديءَ ۾ مبتلا ٿي وڃي (يعني پاڻ تي فخر ڪرڻ لڳي) ۽ پنهنجي گناهن کي وساري ويهي، تڏهن مان ان تي غلبو حاصل ڪري وٺندو آهيان.** (1)

الله! الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هن روايت مان معلوم ٿيو تہ سرڪشيءَ ۾ مبتلا ٿي پنهنجا گناهہ وساري ڇڏڻ بہ شيطان جي چار ۾ ڦاسڻ جو سبب آهي. حقيقت بہ اِها ئي آهي، جڏهن ماڻهو پنهنجا گناهہ وساري ويهندو آهي تہ پاڻ تي فخر ڪرڻ لڳندو آهي ۽ الله پاڪ جي خفيہ تدبير کان بي خوف ٿي مطمئن ٿي ويندو آهي ۽ هي اطمينان ۽ بي خوفي اُها شيءِ آهي جيڪا شيطان جو ڪم آسان ڪري ڇڏيندي آهي، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان هر وقت پنهنجن گناهن کي ياد ڪندا رهون.

1… تنبيہ الغافلين،باب عداوة الشيطان و معرفة مکايده، صفحہ:346۔

## گناهہ ياد رکڻ عبادت آهي

مشهور مفسرِ قرآن، حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہِ فرمائن ٿا: **پنهنجين نيڪين کي وساري ڇڏڻ ۽ گناهن کي ياد رکڻ عبادت آهي.** (1)

پر افسوس! اسان وٽ ان جي ابتڙ رواج آهي. ماڻهو نيڪيون ياد رکندا آهن ۽ گناهہ وساري ڇڏيندا آهن ◈ هڪ پيرو پڙهيل تهجد ياد هوندو آهي، پر 50 ڏينهن جون قضا ٿيل نمازون ياد نہ هونديون آهن ◈ ڪجهہ ماڻهو وڏي فخر سان چوندا آهن تہ هن پيري مان رمضان شريف جا 10 روزا رکيا، پر ڪو انهن کي ٻڌائي تہ ياءُ! توهان 20 روزا قضا ڪري ڇڏيا! ◈ مسجد ۾ ڏنل 10 رپيا ياد هوندا آهن، پر واپار ۾ ٺڳي ڪري ڪمايل هزارين رپيا وسري ويندا آهن. **ياد رکو!** هيءَ تمام ڳڻتيءَ جوڳي ڳالهہ آهي. پنهنجن گناهن کي وساري ڇڏڻ شيطان جو انتهائي خطرناڪ چار آهي. جڏهن ماڻهو پنهنجن گناهن کي وساري ويهندو آهي تہ شيطان مٿس غالب اچي ويندو آهي، تنهنڪري پنهنجن گناهن کي هميشہ ياد رکو. هي هڪ اهڙو طريقو آهي، جنهن سان اسان جي دل ۾ رقت پيدا ٿيندي، دل ۾ اللّٰہ پاڪ جو خوف پيدا ٿيندو ۽ اسان رب ڪريم جي پڪڙ کان ڊڄي توبهہ بہ ڪندا رهنداسين ۽ آئنده گناهن کان بہ بچندا رهنداسين.

## ننڍپڻ جو گناهہ ياد رکيائون

حضرت امام حسن بصري رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہِ جيڪي تمام وڏا ولي اللّٰہ هئا. سندن سيرت ۾ اچي ٿو تہ ننڍپڻ ۾ ڪانئن هڪ گناهہ ٿي ويو هو، جيتوڻيڪ نابالغ

---

1…تفسير نعيمي، پاره:1، سورۀ بقره، زيرِ آيت:40، جلد:1، صفحہ:325ملتقطاً۔

ٻار جو گناهہ اعمال نامي ۾ نہ لکيو ويندو آهي، پر تنهن هوندي بہ پاڻ ان گناهہ کي ياد رکيائون، سندن عادت هئي تہ جڏهن بہ نوان ڪپڙا سِبرائيندا هئا تہ انهن جي گريبان تي اهو گناهہ لکرائي ڇڏيندا هئا، پوءِ ان کي ڏسي ڏسي شرمندگيءَ سبب ڳوڙها وهائيندا رهندا هئا. (1)

اللّٰہُ اکبر! ڪيڏو نہ پيارو انداز آهي! اسان کي بہ گهرجي تہ پنهنجين غلطين، ڪوتاهين ۽ گناهن کي هميشہ ياد رکون، انهن جي باري ۾ سوچيندي الله پاڪ جي عذاب ۽ سندس پڪڙ کان ڊڄندا رهون. جيڪڏهن ائين ڪنداسين تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! توبهہ ڪرڻ جي توفيق بہ ملندي رهندي ۽ آئنده گناهن کان بچڻ جو ذهن بہ ٺهجندو.

| | |
|---|---|
| گناہوں کی نحوست بڑھ رہی ہے دم بدم مولیٰ | میں توبہ پر نہیں رہ پارہا ثابِت قدم مولیٰ! |
| گناہوں نے مجھے ہائے! کہیں کا بھی نہیں چھوڑا | کرم ہو از طفیلِ سیّدِ عَرب و عجم مولیٰ! |
| اندھیری قبر کا احساس ہے پھر بھی نہیں جاتیں | گناہوں کی خدایا عادتیں، فرما کرم مولیٰ! |
| میں رحمت، مغفرت،دوزخ سے آزادی کا سائل ہوں | مہِ رمضان کے صدقے میں فرمادے کرم مولیٰ!(2) |

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (2) حِرص ۽ حسد

روايت آهي تہ: طوفانِ نوح جي وقت جڏهن الله پاڪ جا نبي حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيا تہ شيطان خبيث بہ چوريءَ چوريءَ ٻيڙيءَ تي چڙهي

1⋯تذكرة الاولياء، جز:1، صفحه:39ـ

2⋯وسائلِ بخشش، صفحه:98،97ملتقطاًـ

وينو. حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام کيس ڏنو تہ فرمايائون: اي الله پاڪ جا دشمن! هتان نڪري وڃ. شيطان چوڻ لڳو: اي نوح عَلَيْهِ السَّلَام! 5 شيون اهڙيون آهن، جن جي ذريعي مان ماڻهن کي گمراهہ ڪندو آهيان. انهن مان 3 مان اوهان کي ٻڌايان ٿو (بس مون کي بيڙيءَ مان نہ لاهيو). پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو: تون 3 کي ڇڏي ڏي، باقي جيڪي 2 آهن، اُهي ٻڌاءِ. شيطان چوڻ لڳو: اُهي 2 اهڙيون شيون آهن، جن جي ذريعي مان ڪڏهن بہ ناڪام نہ ٿيندو آهيان ۽ انهن جي ذريعي ئي مان ماڻهن کي تباهيءَ جي ڪناري تائين پهچائي ڇڏيندو آهيان. پوءِ ان ملعون پنهنجا اُهي 2 بدترين چارَ ٻڌائيندي چيو: **(1):** انهن مان هڪ حرص آهي **(2):** ۽ ٻيو حسد آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! نوٽ ڪريو! حرص ۽ حسد شيطان جا 2 چار آهن ۽ اِهي اهڙا چار آهن، جن جي ذريعي هي بدبخت انسان کي گمراهيءَ جي ڪناري تائين وٺي ويندو آهي.

## حِرص جا نقصان

هاءِ! افسوس! اڄ اسان جي اڪثريت حرص ۽ حسد ۾ گرفتار نظر اچي رهي آهي ◈ جي ها، حرص جي ڪري ئي تہ وياج جي ڏيتي ليتي ٿي رهي آهي ◈ حرص جي ڪري ئي تہ ملاوت ۽ ماپ تور ۾ گهٽتائي جهڙو گناهہ ڪيو ويندو آهي ◈ حرص جي ڪري ئي رشوت عام ٿي وئي آهي ◈ حرص جي ڪري ئي قتل ٿي رهيا آهن ◈ پُنگَ لاءِ اغوائون ٿي رهيون آهن ◈ وڏي توڙي ننڍي پيماني تي ڌوهن جي بازار گرم ڪئي ويندي آهي ◈ سچي ڳالهہ اها آهي تہ جنهن کي بہ موقعو ملندو آهي، اُهو حرص ۾ اچي **ڪجهہ نہ ڪجهہ**

[1] مكاشفة القلوب، باب فى عداوة الشيطان، صفحہ:71۔

ڪندو ئي رهندو آهي.

مان سيني جي ڳالهه نه ٿو ڪريان. اَلحمدُلِلّٰه!معاشري ۾ هڪ ڪان هڪ نيڪ ۽ پرهيزگار ماڻهو به موجود آهن ۽ انهن جي صدقي ئي ته دنيا هلي رهي آهي. پر هيءَ به حقيقت آهي ته هڪ روپئي ڪان وني ڪروڙين روپين جا فراڊ ڪرڻ وارا فرد به اسان جي معاشري ۾ موجود آهن. جنهن کي ڪو وڏو موقعو نه ملندو آهي، اُهو ڪوڙ ڳالهائي، بي ايماني ڪري، ماپ تور ۾ گهٽائي ڪري يا خراب مال کي سنو ٻڌائي 10، 20 روپين جي ٺڳي ڪري ئي ويندو آهي ۽ جن کي وڏو موقعو ملندو آهي ته پوءِ انهن جو حساب ڪتاب به وري ڪروڙن ۾ هوندو آهي. چوڻ جو مطلب هي آهي ته اسان جي معاشري ۾ **بي ايماني، ٻه نمبري، ڪوڙ ۽ دوکو** ڪيتري قدر وڌي چڪا آهن اِها هر ڪي خبر آهي ۽ اِهي سڀ تباهه ڪاريون حرص جون ئي ته آهن. دل ۾ رڳو پئسا ڪمائڻ، امير ٿيڻ ۽ بئنڪ بيلنس وڌائڻ جي لالچ هوندي آهي ۽ اِن ئي لالچ جي ڪري ماڻهو نه ڄاڻ الائي ڇا ڇا ڪندا رهندا آهن. پر ياد رکو! اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اَلْهٰـكُمُ التَّكَاثُرُۙ (۱) حَتّٰى زُرْتُمُ الْمَقَابِرَ (۲) (پارو: 30، سورة التكاثر: 1-2) | ترجمو ڪنزالعرفان: وڌيڪ مال جمع ڪرڻ جي طلب توهان کي غافل ڪري ڇڏيو. ايستائين جو توهان قبرن جو منهن ڏٺو. |

حضرت مُطَرّف رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پنهنجي والد کان روايت ڪندي فرمائن ٿا ته: هڪ ڏينهن مان بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيس ته پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم سورة اَلْهٰكُمُ التَّكَاثُرُ جي تلاوت فرمائي رهيا هئا. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: انسان

چوندو آهي منهنجو مال! منهنجو مال! اي ابنِ آدم! تنهنجو مال اُهو ئي آهي، جيڪو تو کائي ختم ڪري ڇڏيو، يا پائي پراڻو ڪري ڇڏيو، يا صدقو ڪري اڳتي موڪلي ڇڏيو. (1)

تو نے مَنصَب بھی کوئی پایا تو کیا | گنجِ سِیم و زَر بھی ہاتھ آیا تو کیا
قصرِ عالیشان بھی بنوایا تو کیا | دَبدبہ بھی اپنا دکھلایا تو کیا

ایک دِن مرنا ہے، آخر موت ہے
کر لے جو کرنا ہے، آخر موت ہے

عیش کر غافل نہ تُو آرام کر | مال حاصِل کر نہ پیدا نام کر
یادِ حق دُنیا میں صبح وشام کر | جس لیے آیا ہے تُو وہ کام کر

ایک دِن مرنا ہے آخر موت ہے
کر لے جو کرنا ہے آخر موت ہے

## حسد ڇا کي چوندا آهن؟

پيارا اسلامي ڀائرو! حسد بہ شيطان جو انتهائي بڇڙو چار آهي. حسد جو مطلب آهي: ڪنهن جي نعمت ڪسجي وڃڻ جي تمنا ڪرڻ يا اِها خواهش ڪرڻ تہ فلاڻي کي ھيءَ نعمت نہ ملي، اِهو **حسد** آهي. (2)

مثال طور ◈ ڪنهن کي مالي طور خوشحال ڏسي سڙڻ ۽ تمنا ڪرڻ تہ

1… مُسْلم، کِتَابُ الزُّہْد، صفحہ:1133، حديث:2958۔

2… حديقہ نديہ، الباب الثانی، الخلق الخامس عشر :الحسد، المبحث الاول،جلد:3، صفحہ:34 ملتقطاً۔

سندس مال ضايع ٿي وڃي ◈ ڪنهن کي وڏي مرتبي تي ڏسي دل جلائڻ ۽ اها خواهش ڪرڻ تہ هن کان ڪا اهڙي غلطي ٿي وڃي جو سندس اِهو مقام ۽ مرتبو ڪائنس ڪسجي وڃي ۽ هو ذليل ۽ خوار ٿي وڃي ◈ هيءَ خواهش رکڻ تہ فلاڻو هميشہ تنگدست ٿي رهي، ڪڏهن بہ خوشحال نہ ٿئي ◈ فلاڻي کي ڪڏهن عزت، مانُ ۽ مرتبو نہ ملي، هو سدائين ذلت ۾ ئي زندگي گذاري، اهڙي مذموم خواهش جو نالو **حسد** آهي.

## حسد جي مذمت تي احاديثِ ڪريم

◈ حديث پاڪ ۾ آهي: توهان ۾ اڳين اُمتُن جي بيماري، يعني حسد ۽ بغض، گهر ڪري وئي آهي. اِها ڪُوڙي چڏڻ واري آهي، مان اِهو نہ ٿو چوان تہ اُها وارَ ڪُوڙي چڏيندي آهي، پر اُها دين کي ڪُوڙي چڏيندي آهي.[1]

يعني اِهي بيماريون دين ۽ ايمان کي پاڙئُون پَٽي ڇڏينديون آهن، ايتري تائين جو ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو بغض ۽ حسد جي ڪري اسلام ئي ڇڏي ڏيندو آهي. شيطان بہ انهن ئي ٻنهي بيمارين جو ماريل آهي.[2]

هڪ روايت ۾ آهي: اَلْحَسَدُ يُفْسِدُ الْاِيمَانَ كَمَا يُفْسِدُ الصَّبِرُ الْعَسَلَ يعني حسد ايمان کي اهڙيءَ طرح خراب ڪري ڇڏيندو آهي، جيئن ايلوا (هڪ ڪوڙو ٻوٽو) ماکيءَ کي خراب ڪري ڇڏيندو آهي.[3]

رسولِ رحمت، شفيعِ امت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اِيَّاكُمْ وَالْحَسَدَ، فَاِنَّ الْحَسَدَ يَاْكُلُ الْحَسَنَاتِ كَمَا تَاْكُلُ النَّارُ الْحَطَبَ يعني حسد کان بچو، ڇوتہ اِهو نيڪين کي اهڙي

---

[1] ترمذی، ابواب صفة القيامة والرقائق والورع، صفحہ:593، حديث:2510۔

[2] مرآة المناجيح، جلد:6، صفحہ:615۔

[3] ابوداؤد، كتاب الادب، باب في الحسد، صفحہ:769، حديث:4903۔

طرح ڪائيندو آهي، جيئن باهه سڪل ڪاٺين کي.[1]

تکبر، رِیاکاری و جھوٹ، غیبت

سے بھی اور حَسَد سے بچا یا الٰہی!

## (3) جلد بازي بہ شيطان جو چارُ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! شيطان جو هڪ چارُ جلد بازي بہ آهي. توهان هيءَ حديث پاڪ ڪيترائي ڀيرا ٻڌي هوندي تہ: اَلْعَجَلَةُ مِنَ الشَّيْطَانِ يعني جلد بازي شيطان جي طرفان آهي.[2]

هن حديث جو مطلب اِهو ناهي تہ شيطان تمام گهڻو جلد باز آهي. نہ نہ! هي خبيث تہ ڏاڍو ضِديرو آهي، صرف هڪ ماڻهوءَ کي گمراهہ ڪري جهنم جو حقدار بڻائڻ لاءِ جيڪڏهن ڪيس سالن جا سال محنت ڪرڻي پوي تڏهن بہ ڪندو رهندو آهي. حديث پاڪ جو مطلب آهي تہ جلد بازي شيطاني وسوسو آهي.[3] هي خبيث انسان کي جلد بازيءَ ۾ مبتلا ڪري گناهن تائين پهچائي ڇڏيندو آهي.

## هاڻي جلد بازيءَ جي ذريعي حملا ڪريو

روايت آهي تہ: جڏهن الله پاڪ جي نبي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي ولادت با سعادت ٿي تہ شيطان جا سمورا شاگرد سندس چوڌاري گڏ ٿيا ۽ چيائون: چا اڄ ڪو عجيب واقعو پيش آيو آهي، جو سيئي بت پنهنجا ڪنڌ جهڪايو وينا

---

[1] ترمذی، کتاب البر والصلۃ، باب ما جاء فی التانی والعجلۃ، صفحہ:487، حدیث:2012۔

[2] ترمذی، کتاب البر والصلۃ، باب ما جاء فی التانی والعجلۃ، صفحہ:487، حدیث:2012۔

[3] مرقاۃ المفاتیح، کتاب الآداب، باب الحذر والتانی فی الامور، جلد:9، صفحہ:255، تحت الحدیث:5055۔

آهن. اِهو ٻڌي شيطان ٻاهر نڪتو، اوير ۾ اولهہ جو چڪر لڳايائين، جڏهن بيت المقدس جي ويجهو پهتو تہ ڏٺائين تہ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي ولادت ٿي چڪي آهي ۽ فرشتا سندن چوڌاري موجود آهن. شيطان واپس پنهنجن شاگردن وٽ آيو ۽ کين چيائين: اج هڪ نبي عَلَيْهِ السَّلَام جي ولادت ٿي آهي ۽ اج کان پوءِ غير الله جي عبادت ختم ٿي ويندي، تنهنڪري اج کان انسانن کي جلد بازيءَ ۾ مبتلا ڪري مٿن حملا ڪريو...!![1]

اللهُ اَكبر! معلوم ٿيو تہ جڏهن شيطان مايوس ٿي ويندو آهي تہ پوءِ جلد بازيءَ جي ذريعي حملو ڪندو آهي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي تہ جلد بازي شيطان جو لڪيل هٿيار آهي، جنهن کي هُو صرف ضرورت جي وقت ئي ڪڍندو آهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ جلد بازيءَ کان بہ بچندا رهون. توهان حالتن تي غور ڪريو! ◈ ڪيترائي ماڻهو اهڙا آهن، جيڪي باقاعدي نماز پڙهڻ جي لاءِ گهران نڪرندا آهن، مسجد ۾ ايندا آهن، نماز بہ پڙهندا آهن، پر نہ ڄاڻ نماز جي دوران انهن کي ڇا ياد اچي ويندو آهي جو نماز ۾ جلد بازي کان ڪم وٺندا آهن، جنهن جي ڪري نہ رڪوع صحيح نموني ادا ٿيندو آهي، نہ سجدو درست ٿيندو آهي، نہ قومہ مڪمل ڪندا آهن، نہ جلسي ۾ پوري طرح ويهندا آهن، بس ڪجهہ ئي منٽن ۾ سترهن (17) رڪعتون پڙهي هليا ويندا آهن.

يعني پڙهيل نماز بہ نہ پڙهيل نماز جهڙي بڻائي ڇڏيندا آهن ◈ اهڙي طرح وضو ڪرڻ ۾ بہ جلد بازي ٿيندي آهي ◈ تلاوت جي وقت بہ شيطان جلد بازي ۾ مُبتلا ڪرائيندو آهي ۽ نيڪين کان محروم ڪرائي ڇڏيندو آهي، مختصر

---

[1] مکاشفة القلوب، باب فی عداوة الشيطان، صفحہ:72 مفصلاً۔

هي تہ جلد بازي بہ شيطان جو هڪ انتهائي خطرناڪ چار آهي، تنهنڪري اسان کي ان کان بہ بچڻ گهرجي.

## شيطان کان بچڻ جا روحاني علاج

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان شيطان جي ڪجهہ چارن جي باري ۾ ٻڌو ◈ شيطان خبيث حرص ۽ حسد جي ذريعي ماڻهن کي ورغلائيندو آهي ◈ جلد بازيءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي ◈ گناهن کان توجهہ هٽائي ڇڏيندو آهي ۽ توبهہ جي راهہ ۾ رڪاوٽون پيدا ڪندو آهي. تنهنڪري اسان کي ان جي سمورين چالُن کان بچندي نيڪين ۾ مشغول رهڻ گهرجي. اچو تہ آخر ۾ شيطان کان بچڻ جا ڪجهہ روحاني علاج ٻڌون ٿا: **(1):** اَعُوْذُبِاللّٰہِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم پڙهو **(2):** لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰہ پڙهو **(3):** سُوْرَةُ النَّاس جي تلاوت ڪريو **(4):** اٰمَنْتُ بِاللّٰہِ وَرَسُوْلِہٖ چئو **(5):** هُوَالْاَوَّلُ وَالْاٰخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ ۚ وَهُوَبِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ (پارو: **27**، الحديد: **3**) پڙهو **(6):** سُبْحٰنَ الْمَلِكِ الْخَلَّاقِ، اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ وَيَاْتِ بِخَلْقٍ جَدِيْدٍ ۙ وَّ مَا ذٰلِكَ عَلَى اللّٰہِ بِعَزِيْزٍ (پارو: **13**، ابراهيم: **19-20**) پڙهي ڇڏيو **(7):** صبح ۽ شام **21**،**21** ڀيرا لَاحَوْل شريف پڙهي پاڻيءَ تي دم ڪري پيئو. اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْكَرِيْم! شيطاني وسوسن ۽ ان جي حملن کان حفاظت نصيب ٿيندي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰہُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هڪ شعبي جو تعارف: آئي ٽِي ڊپارٽمينٽ

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدللّٰہ! دعوتِ اسلامي عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم آهي، جيڪا مختلف شعبن جي ذريعي ديني ۽ فلاحي خدمتن ۾

مصروفِ عمل آهي. انهن شعبن مان هڪ شعبو **آئي ٽي ڊپارٽمينٽ** به آهي.

هي شعبو جديد ٽيڪنالاجيءَ جي ذريعي علمِ دين ۽ نيڪيءَ جي دعوت کي عام ڪري رهيو آهي. هن وقت تائين هن شعبي جي ذريعي **55 موبائل ايپلي ڪيشنس** جهڙوڪ: ◈ تفسير صراط الجنان ◈ فيضانِ حديث ◈ فتاويٰ رضويه ◈ بهارِ شريعت ◈ اسلامڪ اسپيچز ◈ دارالافتاء اهل سنت وغيره، جڏهن ته **87 اسلامڪ ويب سائيٽس** مثلاً ◈ www.dawateislami.net ◈ www.dawateislami.org ◈ ilyasqadri.com جاري ٿي چڪيون آهن. هنن ايپلي ڪيشنس ۽ ويب سائيٽس مان پاڻ به فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو. هڪ ايپلي ڪيشن جو تعارف پيش ڪري رهيو آهيان.

## قرآن ٽيچر موبائل ايپليڪيشن

اَلحمدُلله قرآن ڪريم جي فيض کي عام ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي *I.T* ڊپارٽمينٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن **قرآن ٽيچر** (*Quran Teacher*) جي نالي سان جاري ڪئي آهي ◈ هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي درسِ نظامي، فيضانِ نماز ڪورس ۽ زڪوات ڪورس سميت بيشمار آن لائين ڪورسن لاءِ رجسٽريشن ڪرائي سگهجي ٿي ◈ اسٽوڊنٽ پورٽل (*Student Portal*) ۾ پنهنجي آن لائين ڪلاسن جي سرگرمين بابت معلومات حاصل ڪري سگهجي ٿي ◈ دعوتِ اسلامي جي هن پليٽ فارم تي تقريباً 50 کان وڌيڪ اسلامي ڪورسَ ڪرايا ويندا آهن ◈ هي ايپلي ڪيشن آن لائين ٽيڻ وارن ڪورسن جي باري ۾ به معلومات (*Information*) فراهم ڪري ٿي، توهان پنهنجي پسند

موجب ڪنهن بہ ڪورس جو انتخاب ڪري سگهو ٿا ۽ بنا ڪنهن ڏکيائيءَ جي آن لائين قرآن سکڻ لاءِ داخلا وٺي سگهو ٿا. هن ايپلي ڪيشن کي ڊائون لوڊ ڪري پاڻ بہ فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلانات

◈ پيارا اسلامي ڀائرو! هر چنچر تي امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، ايندڙ چنچر تي بہ مدني چينل تي عشاء جي نماز کان پوءِ تقريباً 9 لڳي 45 منٽن تي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ امير اهلسنت، مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب بہ عنايت فرمائيندا. سڀئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائين ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين.

◈ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العاليه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن. ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي **اللّٰه جو خوف (بيان)** جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ سوشل ميڊيا جهڙوڪ واٽس ايپ وغيره تي، رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٻين سان بہ شيئر(*Share*) ڪريو. ◈ مڪتبة المدينہ اعليٰ حضرت جي سيرت تي مبني هڪ اهم ڪتاب "**فيضانِ امامِ اهلسنت**" شايع ڪيو آهي. جنهن ۾ اوهان اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت مولانا الشاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي سيرت، تعارف ۽ سندن ايمان افروز زندگيءَ جا واقعا پڙهي سگهندا. هي ڪتاب مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان 415 روپين ۾ قيمتاً گهرائي سگهو ٿا؛ پاڻ بہ ان جو مطالعو ڪريو

۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِیْ فَقَدْ اَحَبَّنِیْ وَمَنْ اَحَبَّنِیْ کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ يعني جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اُهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## قرباني ڪرڻ سنتِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم آهي

آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا بہ فرمان: (1):جيڪو خوش دليءَ ۽ ثواب جي نيت سان قرباني ڪندو، تہ اُها قرباني هُن جي ۽ جهنم جي وچ ۾ آڙ بڻجي ويندي. (2) (2): توهان جي لاءِ قربانيءَ جي جانور جي هر وارَ جي بدلي هڪ نيڪي آهي. (3)

## مزاراتِ اولياء تي حاضريءَ جا آداب

اي عاشقانِ رسول! اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم جي مزارن تي حاضري ڏيڻ ۽

---

1…تاريخ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

2…معجم ڪبير،جلد:2، صفحہ:213، حديث:2670۔

3…ابن ماجہ، ڪتاب:الاضاحی، باب:ثواب الاضحيہ، صفحہ:510، حديث:3127۔

ڪانئن فيض حاصل ڪرڻ بزرگن جو معمول رهيو آهي.

امام خَلال رَحۡمَۃُاللّٰهِعَلَيۡه فرمائن ٿا: مون کي جڏهن بہ ڪو معاملو پيش ايندو آهي، مان امام موسيٰ ڪاظم رَحۡمَۃُاللّٰهِعَلَيۡه جي مزار تي حاضر ٿي سندن وسيلو پيش ڪندو آهيان، تہ الله پاڪ منهنجي مشڪل آسان فرمائي ڇڏيندو آهي.[1]

امامِ شافعي رَحۡمَۃُاللّٰهِعَلَيۡه فرمائن ٿا: مون کي جڏهن بہ ڪا حاجت پيش ايندي آهي، تہ بہ رڪعتون نماز ادا ڪري امامِ اعظم ابو حنيفہ رَحۡمَۃُاللّٰهِعَلَيۡه جي مزارِ پُر انوار تي وڃي دعا گهرندو آهيان، تہ الله پاڪ منهنجي حاجت پوري فرمائي ڇڏيندو آهي.[2]

صفر شريف جي مهيني ۾ داتا علي هجويري رَحۡمَۃُاللّٰهِعَلَيۡه سميت ڪيترن ئي بزرگن جا عرس مبارڪ ٿيندا آهن، عاشقانِ اولياءَ ڪثرت سان اولياءِ ڪرام جي مزارن تي حاضر ٿيندا آهن ۽ فيض حاصل ڪندا آهن. اسان کي بہ بزرگن جي مزارن تي حاضري ڏيڻ گهرجي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِيْم! ان جون گهڻيون ئي برڪتون نصيب ٿينديون. اچو! تہ مزاراتِ اولياء تي حاضريءَ جا آداب ٻڌون ٿا: **فتاويٰ عالمگيريءَ ۾ آهي:** مستحب(يعني شرعي طور پسنديده) اهو آهي تہ مزار تي حاضريءَ کان پهريان پنهنجي گهر ۾ ئي(غير مڪروه وقت ۾) 2 رڪعتون نفل پڙهي، هر رڪعت ۾ سورة الفاتحہ کان پوءِ 1 ڀيرو آية الكرسي ۽ 3 ڀيرا سورة الاخلاص پڙهي ۽ ان نماز جو ثواب صاحبِ مزار کي پهچائي. ان جي برڪت سان الله پاڪ صاحبِ مزار جي قبر ۾ نور پيدا ڪندو ۽ ان (ثواب پهچائيندڙ) شخص کي تمام گهڻو ثواب عطا فرمائيندو[3]. مزاراتِ اولياء

---

[1] تاريخ بغداد،جلد:1،صفحہ:133۔
[2] خيرات الحسان،الفصل الخامس و الثلاثون،صفحہ:94۔
[3] فتاوی عالمگيری،کتاب الکراہية،الباب السادس عشر فی زيارة...الخ،جلد:5،صفحہ:429۔

تي حاضريءَ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونو! (مثال طور نيت ڪريو: ◈ پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم شهداءِ احد جي مزارن تي تشريف ڪٽي ويندا هئا، الله پاڪ جي رضا لاءِ ان سنت جي ادائيگي ڪريان ٿو. ◈ اولياءِ ڪرام جي قبر تي حاضر ٿيڻ فرشتن جو وصف آهي، انهن جي نقل ڪريان ٿو. ◈ صاحبِ مزار کي ايصالِ ثواب ڪري ثواب ڪمائيندس. ◈ صاحبِ مزار جو فيض حاصل ڪرڻ لاءِ باادب حاضري ڏيندس وغيره). ◈ جڏهن بہ ڪنهن مزار شريف تي حاضري ٿئي تہ پيرن واري پاسي کان وڃو ۽ گهٽ ۾ گهٽ 4 هٿن جي فاصلي تي چهري جي سامهون بيهو. ◈ وچولي آواز ۾ هن طرح سلام عرض ڪريو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا سَيِّدِیْ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ ◈ صاحبِ مزار جي ايصالِ ثواب لاءِ درودِ غوثيہ 3 ڀيرا، الحمد شريف 1 ڀيرو، آية الڪرسي 1 ڀيرو، سورة الاخلاص 7 ڀيرا، ٻيهر درودِ غوثيہ 7 ڀيرا ۽ جيڪڏهن وقت هجي تہ سورة يس ۽ سورة ملڪ بہ پڙهي ونو! (جيڪڏهن اهو نہ ٿي سگهي تہ ڪو بہ ذڪر ۽ درود يا قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪري صاحبِ مزار کي نذر ڪري ڇڏيو!) ◈ پنهنجي جيڪا بہ جائز مراد هجي ان لاءِ، پنهنجي عزيزن مائٽن بلڪ پوري امت جي حق ۾ دعا ڪريو! ۽ دعا ۾ صاحبِ مزار جي روح کي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ پنهنجو وسيلو قرار ڏيو! ◈ واپسيءَ تي بہ اهڙي ئي نموني صاحبِ مزار جي خدمت ۾ سلام عرض ڪريو[1]!

ڪرم هو واسطہ ڪل اوليا ڪا | مِرا ايماں پہ مولیٰ خاتمہ هو

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب **بهار شريعت** جلد: **3** مان حصو **16** ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس**

[1] فتاویٰ رضویہ،جلد:9،صفحہ:522بتغیر قلیل۔

**قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو **91** صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ به آهي.

اُلفتِ مصطفٰے اور خوفِ خُدا | چاہیے گر تمھیں قافلے میں چلو
عِلم حاصِل کرو، جَہل زائِل کرو | پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو[1]

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...وسائلِ بخشش، صفحہ:669 ملتقطًا۔

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

### ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

---

1... القول البديع، الباب الثانى، ص277

2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

3... القول البديع، الباب الاول، ص3125

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [1]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [2]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [3]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
2... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305
3 ... ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455